1. نور محمد شاھ
2. نظر حسين چانڊيو

# مياں حبيب مڏن واري جي حياتي ۽ تقويٰ

# Mian Habib of Mad Sharif: His Life and Piousness

***Abstract:***

*Mian Habib Rehmatulah Aleh came from Sukkur to Mad Sharif: a small village 4 kilometers away from Dadu City. It was Kalhora Period and the Capital City of Kalhora Government was Khudaabad, which is a 4 kilo meters away from Mad Shairf. Mian Habib lived a pious life full of prayers. People loved him and became his devotees. In this paper I have described his life period and have analyzed his piousness especially with reference to Mad Sharif.*

ساراھون سڀ جھان جي خالق کي ئي ڄڳائين ٿيون، جنھن ٻو اسرار ڪائنات خلقي آھي، سيد المرسلين محمد صلي الله عليه وسلم کي مرسل بڻائي قرآن مبين موڪليو آھي ۽ ٻانهن کي عاجزيءَ ۽ تقويٰ طفيل پنھنجي فضل سان ايمان جو نور عطا ڪري ٿو:

حمد بي حد مر خدائي پاک را
آنکہ ايمان داد مشت خاک را
آنکہ در آدم دميد و روح را
داد از طوفان نجات و نوح را
آنکہ لطفِ خويش را اظھار کرد
با خليلش نار را گلزار کرد
بعد ازين گوئيم نعت مصطفيٰ
آنکہ عالم يافت از نورش صفا(1)

مياں حبيب رحمت الله ھڪ عارف باالله ۽ ولي الله آھي. پاڻ ايمان، توڪل ۽ تقويٰ جا صاحب ھئا. حسن ازل جا حقيقي عاشق ھئا. فنا في الله جو لڪ لنگھي قرب ۽ رضا کي حاصل ڪيو ھئائون، تنھنڪري ولي الله ھئا. سندن ولايت خلق ۾ معروف ۽ مقبول بڻي، تنھنڪري سندن وفات بعد بہ محبت ۽ عقيدت جو سلسلو جاري رھيو، جيڪو صديون گذرڻ بعد بہ اڄ سوڌو جاري آھي.

ساري رات سبحاڻ، جاڳي جن ياد ڪيو،
لِ جيءَ، عبداللطيف چئي، مٽيءَ لٿو ماڻ،
ڪوڙين ڪن سلامُ، اچيو آڳِ ان جي.(2)

ميان حبيب رحمة الله ٻارهين صدي هجريءَ جو بزرگ آهي. سندن ولادت جو سال تہ لکيل نہ آهي، پر وصال جو سال سندن عرس شريف جي ڳاڻاٽي منجهان معلوم ٿئي ٿو. تاريخ 28 رجب المرجب 1436 ھ مطابق سومر 18 مئي 2015ع تي، سندن 228هون عرس مبارڪ منعقد ڪيو ويو. جڏهن 228 سال ماضيءَ ۾ وججي ٿو تہ سندن وصال جي تاريخ 28 رجب المرجب 1201ھ (1787ع) معلوم ٿئي ٿي. پاڻ پنهنجي حياتي مبارڪ جو سونهارو عرصو سٺ، اسي، سؤ سال، يا الائي ڪيترو ماڻيائون سا ڳالھ خدا کي معلوم آهي. پر اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ سندن پيدائش ٻارهين صدي هجريءَ جي پهرئين حصي ۾ ٿي هوندي ۽ پوءِ رهندي صدي ٻارهينءَ جو پورو عرصو حياتي ماڻي، تيرهين صدي هجريءَ جي ٻئي سال ۾ وصال لاءِ رحلت فرمايائون.

ميان حبيب رحمة الله جي زندگي مبارڪ جو هيءُ اهو پلارو دؤر آهي، جنهن ۾ سنڌ جي شاعرن جو سرتاج شاھ عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم محمد زمان لنواريءَ وارو، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، سچل سرمست ۽ ٻيا ڪيترائي عالم ۽ شاعر پنهنجي جسماني حياتيءَ ۾ موجود هئا. سنڌ جي هر شهر، ڳوٺ، واهڻ ۽ وستيءَ ۾ اسلامي درسگاهون پنهنجي پوري اوج ۽ عروج سان موجود هيون. تاريخ کي ڏسجي ٿو تہ ان دؤر ۾ عباسي ڪلهوڙن جي سنڌ تي حڪومت هئي. هن خاندان 1701ع کان 1782ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي. ابتدائي سالن بابت تصديق سان نٿو چئي سگهجي، پر باقي سڄو عرصوءُ اهو آهي، جنهن ۾ ميان حبيب رحمة الله پنهنجي حياتيءَ ۾ موجود هئا. يعني ميان يار محمد جي حڪومت کي ميان حبيب سائينءَ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن کان ڏٺو هو، تنهن لاءِ تہ تصديق سان ڪجھ نٿو چئي سگهجي، پر ميان نور محمد، ميان محمد مراد ياب، ميان عطر خان، ميان غلام شاھ، ميان سرفراز، ميان غلام نبي ۽ ميان عبدالنبيءَ جي حڪومتن واري پوري دؤر ۾ پاڻ پنهنجي شعوري ڄمار سان موجود هئا ۽ هن خاندان جي حڪومتي زوال ۽ خدا آباد ساڙجڻ واري واقعي کان پنج سال پوءِ 1787ع ۾ وصال ڪيو هئائون.

درگاھ ميان حبيب رحمة الله جي وقتي سجاده نشين، مرحوم سائين ميان عبدالخالق پيرزاده جن جي ٻڌايل زباني روايت موجب: حضرت ميان حبيب رحمة الله سکر کان مڏن ۾ آيا هئا، مخدوم محمد عثمان قريشي، درٻيلي واري جا مريد هئا. جڏهن مڏ شريف واري جاءِ تي اچي رهيا تہ ماڻهو وٽن دعا لاءِ حاضر ٿيڻ لڳا، سندن دعائون ايتريون تہ مستجاب ۽ مقبول ٿيون جو وٽن پري پري کان ماڻهو دعائن لاءِ اچڻ لڳا. ڪاڇي جو هڪ بزرگ جيڪو خود پير طريقت هو، جنهن جا بروهي بلوچ ۽ مختلف ذاتين جا پنهور مريد هئا، سو ميان حبيب رحمة الله جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سندن تقوا واري زندگي ۽ دعائن جي مستجابت کي ڏسي نهايت متاثر ٿيو ۽ معتقد بڻيو. تن ڏينهن ۾ ميان حبيب رحمة الله ڏينهن جو هڪ ڪبڙ جي هيٺان ويهندا

هئا ۽ رات آسمان جي ستارن جي سونهن ڏسندي گذاريندا هئا. ڪين رهائش لاءِ نہ محل هو ۽ نہ جهوپڙي. هڪ دفعي ڪاڇي واري بزرگ ميان حبيب رحمة الله جي خدمت ۾ حاضر ٿي گذارش ڪئي تہ "سائين مون کي ٻہ نياٽيون آهن، جيڪڏهن اوهان انهن مان هڪ توهان رفيق حيات طور قبول فرمايو تہ مون کي خوشي ٿيندي." اوهو ٻڌي ميان حبيب رحمة الله فرمايو تہ "ماشاءالله! جيئن رب مون کي رزق ڏئي ٿو، تيئن اوان کي ٻہ مالڪ پاڻ رزق ڏيندو." اِها ورندي ٻڌي بزرگ پنهنجي ڳوٺ موٽي ويو ۽ پنهنجي پاءُ سان وجي صلاح ڪيائين. بزرگ کي پاءُ جهليو تہ الائجي ڪير ماڻهو آهي، اوان کي سگ ڏيڻ مناسب ڪونهي. پر بزرگ صاحب ميان حبيب رحمتہ الله جي صحبت ۾ رهي آيو هو، ڪيس ميان حبيب جي فڪر ۽ سيرت تي مڪمل اعتماد هو، تنهنڪري پاءُ کي خاطري ڏنائين تہ ماڻهو اهل الله ۽ وڏي اعتماد وارو آهي. پوءِ پنهنجي مريدن کي ونيءَ گهرڙو ناهڻ جو سامان ڪٺائي آيو.هڪ ککن جي جهوپڙي ا ـ ڏي، اوان جي چوڌاري ڪانين جي ڇتو واڙائي گهرڙو تيار ڪرايائين ۽ پوءِ ميان حبيب رحمة الله جو پنهنجي نياٽيءَ سان نڪاح ڪرايائين. اهڙيءَ طرح ميان حبيب رحمة الله جي ازدواجي زندگيءَ جي شروعات ٿي ۽ پوءِ ڪين ٽي پٽ ۽ ٻہ نياٽيون ٿيون. پٽن جا نالا ميان محمد، ميان احمد ۽ ميان الهرکيو رکيائون. ميان حبيب جي نياٽين منجهان ڪنهن کي ٻہ اولاد ڪونہ ٿيو، سندن پٽن کي اولاد ٿيو، جن ذريعي سندن نسبي سلسلو اڄ سوڌو روان دوان آهي.

سائين ميان عبدالخالق جو وڏيڪ چوڻ هو تہ ميان حبيب رحمة الله جي علمي ورثي مان اسان کي سندن لکيل عربي، فارسي ۽ براهوي ٻولين ۾ قلمي نسخا، وڏڙن کان ورثي ۾ ملندا پئي آيا، جيڪي علم وضائف بابت هئا. ميان حبيب رحمة الله جي مڏن ۾ موجودگيءَ جو احوال پڻ لکيل هو، پر اهي سڀ ڪتاب 1983ع کان پوءِ ڳوٺ کي لڳل باهہ واري حادثي ۾ سڙي ويا ۽ هاڻ انهن مان ڪو بہ ڪتاب اسان وٽ موجود نہ آهي.

سائين مولوي ميان احمد مڏن واري جي نپايل فرزند حافظ غلام نبيءَ ڳالهہ ڪئي تہ "ميان حبيب رحمة الله، مخدوم محمد عثمان دربيلي واري جا مريد هئا. مخدوم صاحب جي حياتيءَ جو دؤر 1494ع کان 1593ع تائين آهي، تنهنڪري ميان حبيب بہ اوان دؤر جو بزرگ آهي." مون کانئن معلوم ڪيو تہ ڇا اِن ڳالهہ جي تصديق ۾ ڪا راويت بہ موجود آهي؟ پاڻ چيائون تہ: "نہ اهڙي ڪا تصديق ڪندڙ راويت موجود نہ آهي، پر اها ڳالهہ مون کي گهر ۾ ٻڌل آهي." ميان حبيب رحمة الله، مخدوم محمد عثماني دربيلي واري سان سندن حياتيءَ ۾ دست بيعت ٿيا هئا يا بعد ۾ سندن درگاهہ جي معتقدن ۾ شامل ٿيا هئا، اِن ڳالهہ جي ڪابہ مصدق معلومات موجود نہ آهي، البت ميان حبيب رحمة الله جي ڪلهوڙن جي دؤر ۾ موجودگيءَ بابت هڪ مشهور ۽

مقبول زباني روايت ضرور موجود آهي. روايت موجب: حضرت ميان حبيب رحمة الله کي وقت جي حڪمران ميان يار محمد پنهنجي دربار ۾ گهرايو، ميان صاحب پنهنجي خليفي رُڪڻ فقير سان گڏجي ميان يار محمد سان ملڻ آيو، بادشاهه جي درباهه ۾ داخل ٿيڻ وقت خيلفي رُڪڻ فقير جتيءَ جو سڄي پير وارو پادر پنهنجي سڄي ڪڪ سان ۽ کٻي پير وارو پادر کٻي ڪڪ سان ٻڌي ڇڏيو. اندر ويا ته ميان يار محمد ڏٺو ته خليفي رڪڻ فقير کي ٻنهي پاسي هنج تي ٻه مست شينهن موجود آهن. اهو ڏسي ميان يار محمد سوچيو ته جنهن پير جو خليفو ئي ايڏو ڪرامت وارو آهي، اهو پاڻ ته بيشڪ وڏو ولي الله هوندو! سو ميان حبيب رحمة الله سان وڏي عزت ۽ احترام سان پيش آيو ۽ ڪيس جيڪو ميان حبيب بابت ولي الله نه هئڻ وارو شڪ هو، سو ختم ٿي ويو. هيءَ روايت ڳوٺ جي هر ننڍي وڏي ماڻهوءَ کي معلوم هئي ۽ اجا تائين اوڙي پاڙي جي ڳوٺن ۾ ماڻهن کي عام معلوم آهي. سائين وڏي ميان محمد قاسم پيرزاده يا سندن خاندان جي ڪنهن به ٻئي عالم هن روايت کي غلط چئي رد ڪونه ڪيو. جيڪڏهن ميان حبيب رحمة الله جو تعلق ڪلهوڙا دؤر سان نه هجي ها ته پوءِ هِن خاندان جا عالم ضرور اِهڙي روايت کي رد ڪن ها ۽ پوءِ پاڙي اوڙي جا ماڻهو ٻُڌي کي رد ڪري ڦٽوڪن ها ته غلط روايت زنده رهڻ جو جواز ئي ختم ٿي وڃي ها. تنهنڪري هن روايت جو زنده رهڻ ٻُڌي جي صحيح هجڻ جي هڪ ثابتي آهي. ٻي ثابتي ميان حبيب رحمة الله جي عرس شريف جي تاريخ ۾ پڻ موجود آهي ته پاڻ حياتي ڪلهوڙن جي دؤر ۾ گذاري اٿن. ٻُڌي کان سواءِ مڏن واري مدرسي جي معلم سائين حافظ قربان عليءَ به پنهنجي هڪ تحرير ۾ هِن روايت کي ميان حبيب رحمة الله عليہ جي ڪرامت ڪري لکيو آهي:

> حضرت ميان حبيب حضوري رحمة الله تعاليٰ جي سوانح حيات جي مون کي ايتري خبر ناهي، ليڪن ايترو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ۽ مشهور آهي ته ميان يار محمد ڪلهوڙي رحمة الله عليه جو همعصر آهي ۽ ڪامل شخصيت آهي. استادن ڪريمن کان ٻڌو ويندو هو ته ٻُڌي وقت هڪ ظالم بادشاهه پنهنور ذات جو هيو، جنهن کان الهام رستي بادشاهي زور سان ورتي هئائين ۽ انهي ڪري يار محمد ڏنڊئي سڏبو هو ۽ پوءِ پنهور قوم ڊپ کان پنهنجون ذاتيون مٽائي ڇڏيون هيون، ڪي اڄڙا ڪي ڪارڙا پنهنور ته ڪي ڊگها ته ڪي تلاٽي ته ڪي باگڙاٽي پنهور وغيره سڏائڻ لڳا ۽ ميان حبيب رحمة الله عليه کي گهرايائين ته ميان چو ٿو چورائي؟ ڪامل ولي پنهنجي خليفي رُڪن الدين عرف رُڪڻ فقير کي ساڻ ڪري بادشاهه ڪلهوڙي وٽ ويو ۽ نه وجيس ها مگر ”واطيعوالله واطيعو الرسول واولي الامر منڪم“ کي نظر ۾ رکي الله جو ولي پنهنجي

خليفي سان گڏ حڪم خدائي مجي ڪري دربار بادشاهي ۾ حاضر ٿيو. دربار بادشاهي ڪان اجا ٻاهر هئا تہ بزرگن نعلين پيرن مان ڪانہ لاٿي باقي خليفي لاٿي ۽ سڄو نعل ساڄي پاسي ۽ کٻو نعل کاٻي پاسي پنهجي ڪکن سان ٻڌي ڇڏيائين. ٻئي اندر ويا ڪلهوڙو صاحب ڇا ڏسي تہ خليفي جي پاسن ڪان ٻہ مست شينهن بہ اچي رهيا آهن. پاڻ يڪدم اٿي بينوءِ سائين جن کي عرض ڪيائين تہ هنن کي تہ ٻاهر ڪيو تہ پوءِ تہ ملون، مطلب تہ حڪم ولي جي سان اهي شينهن گم ٿي ويا. ملاقات پاڪر پائي ڪيائون ۽ ميزبان ۽ مهمان سهڻي حيثيت ۽ محبت سان مليا ۽ مجلس ڪيائون ۽ پنهور قوم تان ڏچو لٿو ۽ با عزت سائين جن کي واپس ڪيائون. (3)

ميان حبيب رحمة الله جنهن جاءِ تي سڪونت پذير ٿيا، سا مبارڪ اسم "مڏ" طور مشهور آهي. "مڏ" هڪ ٻہ وارو نهايت ئي ننڍڙو لفظ آهي ۽ ان جون لغوي معنائون بہ اوترين ئي ننڍڙيون ۽ نفيس آهن. شايد ميان حبيب رحمة الله کي "مڏ" لفظ جي انهن ننڍڙين نفيس معنائن ۾ زندگيءَ جون اهڙيون علامتي ۽ استعاراتي معنائون نظر آيون جو پاڻ "مڏن" ۾ ابدي سڪونت اختيار ڪيائون. هن لفظ جي معنوي حسن تي ويچار ڪجي ٿو تہ ان ۾ ايمان ۽ تقويٰ واري زندگيءَ جي فڪر ۽ عمل جو هڪ مربوط نظام جرڪندي نظر اچي ٿو. ميان حبيب رحمة الله زندگيءَ بابت پنهنجو پيغام ڪنهن ڪتاب يا رسالي جي صورت ۾ لکيو هو يا نہ سا ڳالهہ تہ رب کي معلوم آهي، پر مون کي لفظ "مڏ" جي اصطلاحي معنائن ۾ سندن ايمان ۽ تقويٰ واري زندگيءَ جي فلسفي جي تصوير نقش ٿيل نظر آئي آهي. "مڏ" لفظ جون لغت ۾ هي معنائون لکيون ويون آهن:

(1) ڪانين ۽ ڪانن جو ترهو
(2) سيلاب جي پاڻيءَ کان بچڻ لاءِ اڏيل پيهو
(3) رڃ کي مٿي جهلڻ لاءِ ڪانين ڪانن جو ٻڌل گڏو
(4) ڪانين جي پري
(5) ملڪيت موڙي، سامان سڙو
(6) ڪنوار کي مائٽن کان مليل ڏاج ۾ وڳو
(7) مڏي: درياءَ تي محصول وصول ڪرڻ جو نالو
(8) مڏي: دريا يا ڍنڍ جي ڪپ تي اڏيل جهوپڙي.(4)

مٿين معنائن کي ڏسجي ٿو تہ پاڻيءَ ۾ زندگي بسر ڪرڻ لاءِ "مڏ" هر وسيلو بڻجي ۽ هر حاجت روا ٿي ڪم آيو آهي. مثال طور پاڻيءَ ۾ رهڻ لاءِ ماڻهوءَ جي پهرين هاجت ترڻ آهي ۽ هيءَ حاجت دور ڪرڻ لاءِ ڪانيون ڪانا ٻڌي جيڪو ترڻ جو ترهو

جوڙيو وڃي ٿو، تنهن جو اسم "مڏ" آهي. تنهن کان پوءِ پاڻيءَ مٿي رهڻ جي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ ڪانيون، ڪک ٻڌي جيڪو پيهو جوڙيو وڃي ٿو ان جو اسم بہ "مڏ" آهي. مڇيءَ جي شڪار لاءِ رڇ کي مٿي پاڻيءَ جي سطح تي جهلي قابو بيهارڻ لاءِ جيڪا ڪانين جي موڙي ڪم آڻجي ٿي تنهن کي بہ "مڏ" چيو وڃي ٿو، تنهن کان پوءِ ڪاڏي پيتي - رڌي پڪي جي حاجت لاءِ ڪانين جي پري گهرجي،ان جو نالو بہ "مڏ" آهي. گهر هلائڻ جي حاجتن کي منهن ڏيڻ لاءِ جيڪا ملڪيت موڙي، سامان سڙو هجي ان جو اسم بہ "مڏ" آهي. ڪنوار کي اباڻن وٽان زينت ۽ وقار لاءِ جيڪا لوئي ۽ لباس ڏاج ۾ ملي ٿو، تنهن کي بہ "مڏ" سڏين ٿا. سرڪار درياءَ جي ڪمن ۽ ڪاروبار ۾ ڏنل سهولتن تي جيڪو ٽيڪس اڳاڙيندي آهي، تنهن کي "مڏي" چيو وڃي ٿو. ملاح درياءَ يا ڍنڍ جي ڪپر تي پلو مڇي گڏ ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪکن پنن جي جهوپڙي اڏيندا آهن، ان کي بہ "مڏي" چيو وڃي ٿو. مطلب تہ پاڻيءَ تي رهڻ واري زندگي جي نظام جو سارو چرخو لفظ "مڏ" تي قائم آهي.

معلوم ٿئي ٿو تہ ميان حبيب رحمة الله هن دنيا کي ڪنهن گهري اونهي پاڻيءَ جي ڍنڍ يا سمنڊ تصور ڪيو ٿي. اهڙو اونهو پاڻي جنهن ۾ وجود وڃائڻ جا سڀ خطرا موجود هجن، جتي نراسائين جون چوليون ايمان جا تختا لتاڙڻ لڳن، جتي حرس هوس جا مانگر مڇ، واڳون ۽ وبائون ماڻهپي جو وجود ڳڙڪائڻ لاءِ هم وقت وات ڦاڙيو وتن، جتي ڪوڙ، منافقي، بي ايماني ۽ بڇڙاين جي غلاظت جو ٿهڪندڙ بدبودار پاڻي ويرو تار هجي ۽ ان جو ڪاٿي ڪنڌي ڪنارو نہ هجي تہ پوءِ اهڙي مقام تي سلامتيءَ جو ترهو، سلامتيءَ جو پيهو، سلامتيءَ جو ناتو، سلامتيءَ جو سبب سلامتيءَ جو گهر ۽ دولت، سلامتيءَ جي واٽ ۽ ڪاروبار، سلامتيءَ جو لباس ۽ نظام جي آهي تہ ڪهڙو آهي؟ ميان حبيب سائينءَ زندگيءَ جي سلامتيءَ واري مقصد جي اهڙن سيني سوالن جا جواب واحد ۾ ايمان ۽ ان جي تقويٰ جي نظام ۾ ڏنا، تنهنڪري پاڻ ايمان ۽ تقويٰ جي نظام جو تمثيلي اسم "مڏ" پسند ڪيائون. ڇو تہ " مڏ" اهڙو تہ عجيب باڪمال لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنائن کي ڏسجي ٿو تہ هر معنيٰ ۾ هڪ ٻي استعاراتي معنا ليئا پائيندي نظر اچي ٿي ۽ سيئي استعاراتي معنائون گڏجي ايمان ۽ تقويٰ جي نظام جي صورت اختيار ڪن ٿيون. مثال طور:

- سنڌي لغات ۾ "مڏ" لفظ جي پهرين معنيٰ آهي: "ڪانين ۽ ڪانن جو ترهو"، جو پيڪو درياءَ، ڍنڍ يا سمنڊ ترڻ لاءِ سنڌ طور استعمال ۾ ايندو آهي. ميان حبيب رحمت الله، انساني عقل جي نراساين جو بحر باري ترڻ لاءِ ڪانين ۽ ڪانن جي ترهي جي جاءِ تي ايمان ۽ توڪل کي پنهنجو ترهو بڻايو، تنهنڪري،ان لاءِ ظاهري استعاراتي اسم "مڏ" پسند ڪيائون. ائين لغوي معنيٰ جي ڪانين ۽

ڪانن واري هاٺيءَ ۾ سون ڪان اعليٰ قدر واري استعاراتي معنيٰ رکيائون. اِن ڪي چئبو آهي "ڪک جي هيٺان لک رکيو آهي."

- "مڏ" لفظ جي ٻي لغوي معنيٰ آهي: "سيلاب جي پاڻيءَ کان بچاءَ لاءِ اڏيل پيهو." ميان حبيب سائينءَ نفس ۽ عقل جي نامرادين، نراسائين ۽ حرس هوس جي غلاظتن ۽ بد ڪارين جي ٻوڏ کان مٿي جيئڻ ۽ رهڻ لاءِ ڪانين ۽ ڪکن واري پيهي بجاءِ ايمان ۽ تقويٰ جي نظام واري اعليٰ مقام اجهي جو ظاهري استعاراتي اسم "مڏ" پسند ڪيو.
- "مڏ" لفظ جي ٽين لغوي معنيٰ آهي: "رڇ ڪي مٿي جهلڻ لاءِ ڪانين ۽ ڪانن جو ٻڌل گڏو" ميان حبيب سائينءَ دنيا ۽ زندگيءَ جي بحر باريءَ کي محبت جو شڪار گاهه تصور ڪيو ٿي، تنهن ڪري مالڪ جي محبت جي چار کي چڪيءُ ليو اونهو بيهارڻ لاءِ ڪانين ۽ ڪانن جي ٻڌل پريءَ بجاءِ محبوب جي حسن ۽ عشق جا پيچ پاتل ترهي جو استعاراتي نالو "مڏ" پسند فرمايو.
- "مڏ" جي چوٿين لغوي معنيٰ آهي: "ڪانين جي پري". جيئن ڪانين جي پري ٻاري پيٽ جي غذا تيار ڪبي آهي، تيئن جسماني هٺ جي هاٺيءَ کي محبوب جي عشق ۾ ٻاري روح لاءِ رب جي رضا کي حاصل ڪرڻ واري ترهي جو نالو "مڏ" اختيار ڪيو ويو.
- "مڏ" جي پنجين لغوي معنيٰ آهي: "گهر جي ملڪيت موڙي، سامان سڙو". جيئن دنيا جي گهر لاءِ ملڪيت موڙي، سامان سڙو گڏ ڪبو آهي، تيئن آخرت جي گهر لاءِ ايمان ۽ عمل صالح جو توشو گڏ ڪرڻ ميان حبيب جو "مڏ" آهي.
- "مڏ" جي ڇهين لغوي معنيٰ آهي "ڪنوار کي مائٽن کان مليل وڳو." جيئن ڪنوار کي مائٽ جسم جي ستر ۽ زينت لاءِ لوئي ۽ لباس ڏاج ۾ ڏيندا آهن، تئين مؤمنن کي رب رحيم طرفان روح جي ستر ۽ زينت لاءِ تقويٰ جو لباس عنايت ٿئي ٿو، اهو تقويٰ جو لباس نراساين جي بحر باريءَ ۾ ماٺهوءَ جي ننگي روح لاءِ ستر ۽ زينت وارو "مڏ" آهي.
- ستين معنيٰ ۾ "مڏ" لفظ "مڏي" طور استعمال ۾ آيو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "درياءَ تي محصول اختيار ڪرڻ"، هڪومت ڪنهن ڍنڍ، سمنڊ يا درياءَ تي شڪار، واپار ۽ ٻيڙي هلائڻ جي اجازت نامي عيوض ٽيڪس وصول ڪندي آهي، پر رب جي سرڪار عطا ڪيل مال ۽ دولت جي شڪر ادائيگيءَ طور ۽ الاهي پيار ۽ رضا جي طالبن جو اخلاص ۽ ايثار ڏسڻ خاطر خيرات ۽ زڪوات کي ڪسوٽي ٻڌايو آهي. رب جا احسان لاهڻ بندي جي وس نه هوندا آهن، ڇو ته بندي وٽ پنهنجو ته ڪجهه هوندو ئي ڪونهي، ڪيس ساهه به سائينءَ جو وڏل آهي، مال ٻڌڻ جو آهي ته جان ٻڌڻ جي آهي، جنهن جان ۽ جهان خلقيوآهي. تنهنڪري، بس هردم

مالڪ جو حمد ذڪر ۽ شڪر ئي مؤمن جي مرڪ آهي. خيرات ۽ زڪوات ان ڪري گهريو ويو آهي ته جيئن ان جي ادائيگيءَ سان مالڪ جي مالڪي تسليم ڪئي وڃي، ان جي حڪومت ۽ اختيار تسليم ڪيو وڃي، ماڻهن سان پائپي ۽ ڀلائيءَ جو هڪ خالق ۽ مالڪ وارو قدرتي رشتو ۽ قدرتي حق تسليم ڪيو وڃي. دنيا جي بحر باريءَ ۾ ميان حبيب جو مال ۽ دولت به ايمان ۽ تقويٰ جو "مڏ" هو ته رب جي قرب ۽ رضا جي ماڙ ۽ روبرو وصل جو واعدو به ان جو "مڏ" هو. دنيا ۽ آخرت جي ڀِل، ايمان ۽ وصل جو پتڻ بہ هوئي هڪڙو "مڏ" هو ۽ آهي. ايڏي ماڙ ڪرڻ واري مالڪ ڪي ئي سڀ ساراهون جڳائين ٿيون، جيڪو مؤمنن ڪي اهڙي قرار ۽ وقار سان نوازي ٿو. تنهنڪري مالڪ جي پيار ۽ رضا جي احسان ۾ ۽ وصل جي وعدي جي ڪرم نوازيءَ ڪارڻ رب جي نانءَ تي سر ساهه صدقو ڪندي خيرات ۽ زڪوات جي ادائيگيءَ ۽ وصوليءَ جي عمل ڪي استعاراتي معنيٰ ۾ "مڏي" چئجي ٿو.

- انين معنيٰ ۾ "مڏ" لفظ ساڳيءَ طرح "مڏيءَ" طور استعمال ۾ آيو آهي، پر هتي لِ جي معنيٰ آهي "درياءَ يا ڍنڍ جي ڪپ تي اڏيل لانڍي" هن لانڍيءَ ۾ ملاح مڇيون پلا ماري گڏ ڪندا آهن ۽ پوءِ انهن جي تجارت ڪندا آهن، پر تمثيلي معنيٰ ۾ دنيا جي درياءَ جا ماهر ملاح يعني عارف، مؤمن ۽ ولي الله ايمان ۽ عمل جا موتي گڏ ڪندا آهن، جيڪي ڪنهن به قيمت تي وڪڻڻ بجاءِ يوم الدين تي جانب جو جمال پسڻ ڪارڻ هديه طور پيش ڪندا. اها آخرت جي لانڍي ميان حبيب جي استعاراتي ناءَ سان "مڏي" سڏجي ٿي.

ميان حبيب سائينءَ جي تصور واري بي انت بحر جهڙي دنيا جو منظر اسان ڪي حضرت نوح عليه السلام واري ٻوڏ جو منظر ياد ڏياري ٿو، جنهن ۾ ڌرتيءَ تي خشڪيءَ جي ڪابه جاءِ نه رهي هئي، ۽ پاڻيءَ جي اوچائي مٿان هلندڙ نوح عليه السلام جي ٻيڙيءَ جو سڙهه آسمان جي ڪهڪشائن سان گسڪندو ستارن تي سلامتيءَ جي وات نقش ڪندو ٿي ويو، اها راهه اڄ به آسمان جي ستارن ۾ رات جو روشن ڏسي سگهجي ٿي. راهه ته نبين، رسولن ۽ اولياءَ الله جي هڪڙي ئي آهي، منزل مقصد به هڪ آهي، مرتبا ۽ مشاهدا هر هڪ کي پنهنجا عطا ٿين ٿا.

اهڙي طرح لفظ "مڏ" پنهنجي سيني معنائن سان هڪ جامع تمثيل آهي، جنهن ۾ ميان حبيب سائينءَ جي فڪر، عمل ۽ مقصدِ حيات جو فلسفو سمايل آهي. هن لفظ جون لغوي معنائون ميان حبيب سائينءَ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لغت ۾ ڪونه ڏنيون هيون، پر جيئن بلوچ صاحب لهي معنائون سنڌ جي سماجي زندگيءَ ۾ مستعمل ڏسي پنهنجي لغت ۾ لکيون، تيئن ميان حبيب سائينءَ کي به هي لفظ انهن سيني معنائن ۾ عملي طور مستعمل هئڻ جو پورو اپياس ۽ مشاهدو حاصل هو. ڇو ته

ڪين دريائي ٻوڏن جو ٻہ مشاهدو هو تہ منڇر ۾ رهندڙ ملاحن جي زندگيءَ جو ٻہ ڪين علم هو. درياءَ تہ آبڪلاٽيءَ مرُ ڻلي ٻئي ڪنڌيون ٻوڙي اڪين اڳيان اڇي بيهندو هو، جو ان وقت ۾ ڪو بچاءُ بند ٻہ موجود ڪونہ هو، باقي منڇر جي پاسي بيد ۾ ميان حبيب جي خاندان جي اڄ ٻہ ٻني موجود آهي، تنهنڪري قوي امڪان آهي تہ ميان حبيب جو اوڏانهن وڃڻ ٻہ ٿيندو هو. ٻيو تہ منڇر ڪي ٻہ ان وقت بند ڏنل ڪونہ هئا، تنهنڪريءَ لهو باراني نهرن جو پاڻي ان وقت مڏن تائين ٻہ پهچندو هو تہ ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي. تنهنڪري ميان حبيب سائينءَ ڪي هن لفظ جي معنوي ڪارج جي پوري ريت پروڙ هئي. ڪين هن لفظ ۾ روح جي سنسار جون سڀ معنائون ليئاڪا پائيندي نظر آيون، تنهنڪري پاڻ هن لفظ ڪي پنهنجي روح جي تمثيل ٻڌائي پنهنجي سڪونت واري جاءِ جو نالو "مڏ" پسند فرمايائون.

## حوالا:


1. شيخ، فريد الدين عطار، پندنامہ، مکتبہ رحمانیہ، اردو بازار، لاهور پاڪستان، ص 4، 7
2. شاهہ جو رسالو، مرتب: آءِ. آءِ. قاضي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1993، سُر سريراڳ: د 2/ ب 2/ ص288
3. وگهيو، قربان علي، علامہ حافظ، مضمون:حضرت ميان حبيب ۽ ٻين بزرگن جون ڪرامتون، ڪتاب: سيرت الصالحين، تصنيف ۽ تاليف: نور محمد شاهہ پيرزادا اڪيڊمي، دادو،2015: 176 - 177).
4. هڪ جلدي سنڌي لغت، مؤلف: بلوچ، نبي بخش، خان،سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدر آباد 2006 ع،ص 616.